آن لائين
ڪاوش
دنيا
آچر 28 سيپٽمبر 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya

دنيا جي اڳواڻن جون اسرائيل خلاف تقريرون

عظيم سنڌيءَ جو وڇوڙو

فاطمہ ڀٽو غزہ ۾ نسل ڪشيءَ خلاف آواز اٿاري ٿي

هن پرچي جا ليکڪ:

- الھ بخش راٺوڙ
- ولي محمد خاصخيلي
- رڪيل مورائي
- سعيد منگي
- جاويد مهر
- ادل سولنگي
- مدهوش مير
- روشن شيخ
- دليپ ڪوٺاري
- عمران صادق سومرو
- علي حسن عباسي
- محمد عثمان جوڻيجو
- مصور حسين

شاعري:

- معشوق ڏاريجو
- ساپيان سانگي



عشق آسوءَ کي رنگ ۾ رڱيو

محمد عثمان ’وامق‘ جوڻيجو

سنڌ جي پاڳوند سرزمين صدين کان حقيقي عشق جي جلوه گاهه ۽ پيار پريت، امن امان ۽ حق سچ جي اعليٰ درس جو پيغام ڏيندڙ رهي آهي. اهڙو پيغام ڏيندڙ سنڌي ٻوليءَ جا سدا حيات شاعر پنهنجي بي بها ڪلام ۾ صوفياڻي رنگ ۾ رڱيل، سرشار ۽ مخمور رهيا آهن. سنڌن شاعري هند ۽ سنڌ کان علاوه سڄي عالم ۾ گلاب جي گل جي سڳنڌ جهڙي سڃاڻپ رکي ٿي. اهڙن باڪمال ۽ ممتاز شاعرن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، دادو ديال، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مدن ڀڳت، سلطان اولياءَ خواجه محمد زمان، شهيد عبدالرحيم گرهوڙي، روحل فقير، سچل سرمست، حمل فقير لغاري، سامي، صوفي دلپت، خليفو گل محمد هالائي، بيدل، بيڪس، مصري شاهه ۽ صوفي آسُورام جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

صوفي شاعر آسُو رام بن ڏَنڊُو مل کتري سنه 1854ع ۾ هالا ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪئي، جنهن بعد هُو 1871ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان ڏنئي، حيدرآباد ٽيچرس ٽريننگ اداري مان ٽن سالن ۾ ڪورس مڪمل ڪري 1874ع ۾ پرائمري استاد بڻيو. استاد جي حيثيت ۾ هن مختلف شهرن جهڙوڪ، لاڙڪاڻي، دادو ۽ مٽياري ۾ پنهنجا فرائض احسن طريقي سان سرانجام ڏنا. ڪيس اسسٽنٽ ماستر ۽ هيڊ ماستر جي عهدن تي به ترقي ملي. 55 سالن جي عمر ۾ 1909ع ۾ پنهنجي عهدي تان رٽائرمينٽ حاصل ڪيائين. هن شادي پنهنجي قبيلي ’برهمڻ‘ جي نک ’کتري‘ مان ڪئي هئي. ڪيس هڪ فرزند وينسي مل ۽ ٻن نياڻين جو اولاد هئو.

هن صوفي درويش پنهنجي دل جي تسڪين خاطر سيد علي شاهه جي صحبت مان تصوف، روحانيت ۽ حڪمت جو درس پرايو ۽ ستت سنڌي ڪافي جي مشهور شاعر مصري شاهه سان پڻ ڏيٺ ويٺ ٿيس. پاڻ انهن ڏينهن ۾ نصرپور ۾ ماستر هو. اتي ئي مصري شاهه جي صحبت ۾ مٿن شاعراڻو رنگ رنگ چڙهيو. جڏهن ته روحاني رهبري وٺڻ لاءِ مختلف بزرگن سان روح رهاڻيون به ڪيائين. آخر ۾ جهوڪ شهر جي صوفي بزرگ شهيد شاهه عنايت جي ستين گادي نشين صوفي عبدالستار اول جو طالب ٿيو. هي ان نندي پاءُ صوفي نور محمد جو پڻ وڏو عقيدتمند هو. آسُو رام لاءِ انهيءَ درگاهه تي هڪ الڳ ٻاري قائم ٿيل هوندي هئي.

صوفي آسُو رام پنهنجو ڪلام ٽن ڪتابچن ۾ لکيو، جن مان پهريون ڪتابڙو لاڙڪاڻي جي بُڪ سيلر ويڙهو مل ڪنڻ مل ”ديوان آسُو“ جي نالي سان شايع ڪرايو. سندس ٻيو مجموعو ”ويراڳ نامو المعروف پريم غنچه“ ۽ ٽيون ”رسالو آسُو مل صوفي المعروف رسالهِ آسُو“ اڻڇپيل آهن. تازو نالي واري ليکڪ ڊاڪٽر مخمور بخاري کان معلوم ٿيو ته، ”هن صوفي شاعر آسو رام جو سمورو ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪلام، ادب ذوق آڪاش آسواڻي، وڏي جفاڪشيءَ سان ترتيب ڏنو آهي، جيڪو تمام جلد ڇپجي منظر عام تي ايندو.“

انگريزن جي دوَر جو هي محنتي استاد، صوفي شاعر ۽ حاذق حڪيم آسُو رام 87 سالن جي ڄمار ۾ 15 فيبروري 1941ع تي وفات ڪري ويو. سندس خاندان پاڪ و هند جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان هندستان لڏي ويو.

تصوف جي سلوڪ واري رستن جو پانديئڙو هي صوفي شاعر جيتوڻيڪ هندو مسلڪ سان تعلق رکندو هيو، پر روحاني مرشد جي ڏسيل صراط المستقيم واري راهه تي عمل ڪندڙ هو ۽ قرآن پاڪ، نماز، روزي، مراقبي، خير خيرات ۽ مسڪين انسانن جي خدمت ۾ هر وقت مصروف رهندو هو. صوفياڻي عشق جي رنگ ۾ رڱيل سندس ڪلام وڏيون رمزون رکي ٿو. سندس ٻه بيت هتي ڏجن ٿا:

”پيرن سان پنڌ ڪرڻ، هٿن سان ڪرڻ هاڄ،
لساني لفظن سان، پورا ٿين نه ڪاڄ،
’آسُو‘ درد عشق جا، ناهن اهي علاج،
اندر جا اختلاج، ڪڍ ته ملين محب ڪي.“

❊

”دوست هن دنيا جا، سڀ مطلب جا يار،
جيري ڪارڻ ٻڪري ڪهن، اهڙا جنجا پار،
ڏٺي ڏارون ڏار، شل ’آسُو‘ ڪري انهن ڪي.“

صوفي آسُو رام جي شاعري مختلف صنفن ۾ ملي ٿي، جيڪا وڏي فڪري اڏام رکي ٿي. ■

خواجه سِرا: محلن کان موت جي واديءَ تائين

مدهوش مير

مغلن سلطنت سميت وچ يونان ۽ مصر ۾ کدڙن، هيجڙن يا خواجه سرائن کي ڪيترن سماجي، مذهبي آستانن، گهرن، محلن ۽ درٻارن ۾ خاص ڪردار مليل هوندا هئا. مثال طور حرم جي حفاظت ۽ ڪم ڪار ڪرڻ، ريتون رسمون نڀائڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري حيثيتون ماڻڻ. سندن حصي ۾ آيون. پر سندن اها عزت هميشه، هر هنڌ ۽ هر دور ۾ ساڳي نه رهي. برطانوي انتظاميا جي دور ۾ هيجڙا ڪميونٽي تي سخت نگراني ۽ قانوني پابنديون لاڳو ڪيون ويون هيون. مثال طور سندن خلاف ڪرمنل ٽرائبس (Criminal Tribes) تحت ڪارروائيون ٿيون ۽ 1850ع ۽ 1852 جي عرصي ۾ کدڙن جو قتل عام به ٿيو. ان جي بدلي ۾ هڪ کدڙي قتل ڪيو ته، ان سبب انگريز سرڪار انهن کي ”نامناسب/مجرم“ قرار ڏنو. ان قتل تي ”ارڌناري“ فلم به ٺهيل آهي، جنهن ۾ هڪ مرد انتقام وٺڻ لاءِ نامرد ٿي پنهنجو منصوبو پورو ڪري ٿو. ڏکڻ ايشيا ۾ گذريل ڏهن سالن ۾ هيجڙن جي قانوني ۽ عدالتي سڃاڻپ ۽ سندن حقن جون ڳالهيون ته سامهون آيون آهن، مثال طور 2014 ۾ ڀارت ۾ انهن جي ”ٽئين جنس“ تسليم ٿيڻ وغيره، پر زميني سطح تي صورتحال سندن خلاف آهي. اسان وٽ به انهن مان ڪيترا قتل ٿيا آهن. ”جُهدِ حق“ مئگزين جي هڪ رپورٽ مطابق سال 2014 ۾ 35 کدڙا فقير قتل ڪيا ويا، جن جا سبب الڳ الڳ آهن. اخبارن ۾ به انهن جي قتل رپورٽ ٿيندا رهن ٿا، پر هنن سان ٿيندڙ ناانصافيءَ جو تدارڪ نه پيو ٿئي.

تازو ڪراچي ۾ ٽن ڄڻن کي خون ڪيو ويو، جن کي ميڊيا ”ڪراس ڊريسنگ“ (cross dressing) جي نالي سان لکيو. انهن کي ٽرانسجينڊر (transgender) بدران ”ڪراس ڊريسنگ“ ان ڪري لکيو ويو، جو مقتولن جي وارثن، اخباري رپورٽن موجب ۽ نادرا جي تصديق مطابق، هو مرد هئا. مرد جڏهن عورتاڻو روپ ڌاري اهڙو پيشو اختيار ڪندا آهن، ته انهن کي ”ڪراس ڊريسنگ“ چئبو آهي.

پوري دنيا ۾ ٽرانسجينڊر س جو صحيح تعداد ٻڌائڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترن ملڪن ۾ ان جي مڪمل سروي نه ٿي آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو سماجي دٻاءَ يا ڊپ سبب پنهنجي جنس (جينڊر) ظاهر نٿا ڪن، پر عالمي سطح تي ٿيل مختلف تحقيق، يواين ايڊس، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ۽ وليم انسٽيٽيوٽ جهڙن ادارن جي، هڪ اندازي وارين رپورٽن مطابق، دنيا جي مجموعي آبادي جو لڳ ڀڳ 0.3 سيڪڙو يا 0.6 سيڪڙو ٽرانسجينڊر هوندا. 2025 ۾ دنيا جي آبادي لڳ ڀڳ 8.1 ارب تي ويئي آهي. ان حساب سان اندازي طور 2 ڪروڙ 40 لکن کان 4 ڪروڙ کان 80 لکن تائين ٽرانسجينڊر ٿي سگهن ٿا.



ڪجهه رپورٽون ٻڌائين ٿيون ته ڀارت ۽ انڊونيشيا جهڙن وڏي آبادي وارن ملڪن ۾ ٽرانسجينڊر ڪميونٽي جو تعداد گهڻو آهي. پاڪستان ۾ ٽرانسجينڊرس جي آباديءَ ايشيا ۾ ٽئين نمبر تي آهي. پاڪستان جي 2017ع آدمشماريءَ ۾ ٽرانسجينڊرس جي ڳڻپ ۾ 21,774 ماڻهو شامل ڪيا ويا هئا.

هيءَ برادري تاريخي طور فن، موسيقي ۽ رسمن جو هڪ حصو رهي آهي، پر انهن کي روزگار، تعليم، ۽ علاج جهڙين بنيادي حقن کان محروم رکيو وڃي ٿو. گهڻا خواجه سِرا گهريلو تشدد، گهرو بدسلوڪي، ۽ معاشرتي نفرت سبب ننڍپڻ ۾ ئي گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا. رستن تي چوري، جنسي ڏاڍ ۽ پوليس جي زيادتين جو پڻ شڪار ٿين ٿا. جڏهن ته انهن جي قتل جا واقعا به وڌي رهيا آهن، تنهن ڪري هنن کي هڪ انسان سمجهي ساڻن انصاف ٿيڻ گهرجي. ان سان گڏ کين باعزت روزگار ڏيڻ جو به بندوبست ڪرڻ گهرجي. ■